# پينبدين جي پيداواري

# ٽيڪنالاجي



DIRECTORATE INFORMATION
AGRICULTURE EXTENSION SINDH

زرعي اطلاعات، زرعي توسيع
زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ

2021-2022

## تعارف:

پاڪستان اندر ڀاڄيون ننڍين آبادگارن لاءِ آمدني جو ذريعو آهن. ڀينڊين کي ايشيا جي گرم ۽ نيم گرم علائقن ۾ پوکيو وڃي ٿو. هي ڀاڄي روزانه جي خوراڪ ۾ ڪاڏي جو سستو ذريعو هئڻ ڪري اهميت وٺي رهي آهي. هن ۾ پروٽين، ڪاربوهائيڊريٽ، وٽامن، معدني جزا ۽ تاندورا موجود آهن. جيڪي انساني صحت لاءِ ضروري سمجهيا وڃن ٿا. ڀينڊي کي فرائي ڪرڻ يا ڀوڙياڄي طور اهميت مليل آهي. اوٻاريل ۽ فرائي ڪيل ڀينڊين کي ٻين ڪاڏن سان ملائي پچايو وڃي ٿو جهڙوڪ گوشت ۽ مڇي وغيره. ڪچڙين ڀينڊين کي ٽڪرا ڪري، اوٻاري ۽ سوپ طور پيش ڪيو وڃي ٿو. پڪي ڀينڊي ۽ ٻوٽي جي ڪاٺين کي تاندورن هئڻ ڪري ڪاغذ ٺاهڻ واري انڊسٽري ۾ استعمال ڪجي ٿو.

خوراڪي لحاظ کان عام طور تي ڀينڊين کي دوا طور معدي جي السر جي علاج لاءِ پڻ استعمال ڪجي ٿو. ڦڦڙن جي ساڙ، شوگر، گلي جي خراش لاءِ استعمال ڪجي ٿو. هن جي ميوي ۾ اڌ کان وڌيڪ حصو ڳرنڊڙ فائبر، لڳدار گم موجود آهي. جيڪو ڪوليسٽرول کي گهٽائي ٿو ۽ دل جي بيمارين کي گهٽائي ٿو. هن جي ٻئي اڌ حصي ۾ اڻ ڳرنڊڙ فائبر آنڊي کي صحتمند رکڻ ڪري ڪينسر جي خدشي کي گهٽائي ٿو. ڀينڊين جي اڌ ڪوپ ۾ 10 سيڪڙو جي قريب وٽامن بي 6 ۽ فولڪ ايسڊ موجود هوندي آهي. عام طورتي ڀينڊين کي گهريلو استعمال لاءِ پوکيو وڃي ٿو. هن فصل کي ننڍي آبادگار جي لڳائڻ سان سڄو سال آمدني ملندي رهي ٿي.

**موسم ۽ پوکي جو وقت:** ڀينڊي جي پوک جي شروعات ايٿوپيا، آفريڪا ۽ ايشيا کان ٿي. آمريڪا جي گرم علائقن ۽ ايشيا جي علائقن کي هن جي پوک لاءِ بهتر سمجهيو ويو. وقت گذرڻ سان ڀينڊي جي ڀاڄي ڀوڙ دنيا اندر پکڙجي وئي.

ڀينڊي گرمي جي موسم جو فصل آهي. سنڌ اندر ڀينڊي کي ٻن موسمن ۾ پوکيو وڃي ٿو. (1) فيبروري کان مارچ ۽ (2) جون کان جولاءِ ۾. ڀينڊين جون جنسون 40 ڏينهن کان پوءِ ميوو جهلڻ شروع ڪن ٿيون. ڀينڊي کي ٺٽي، حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر جي نهري علائقن ۾ ڀينڊي کي آڪٽوبر ۽ نومبر جي سياري ۾ پوکيو وڃي ٿو جيڪي مارڪيٽ ۾ فيبروري مارچ ۾ مهانگي اگهه ۾ وڪامن ٿيون. ڀينڊي جو ٻج گهٽو ڪري گرم مٽي ۾ ڄمي ٿو جيڪو 16 ڊگري گرمي پد کان هيٺ ڦوٽهڙو نٿو ڪري. هن لاءِ سراسري گرمي پد 20 کان 30 ڊگري تي ٻوٽن جي واڌ، گلن جهلڻ ۽ ميوي جي واڌ سٺي ٿئي ٿي.

**زمين جي تياري:** ڀينڊين جي فصل لاءِ لٽياسي زمين جنهن ۾ پاڻي جي نيڪال جي سٺي خاصيت هجي، اها ڀينڊين جي پوکي لاءِ موزون سمجهي وڃي ٿي. زمين جي تياري پوکي کان ٻه هفتا پهرين ڪجي. زمين جي تياري اهڙي نموني ڪجي جو فصل سٺي نموني سان ٿئي ۽ سٺي پيداوار ڏئي. زمين کي 2 کان 3 هر هفتي جي وقفي سان ڏجن ته جيئن گندگاهه کان بچاءُ ٿي سگهي. زمين اندر گاهن جون پاڙون ۽ ٻين فصلن جون ٿڙهيون چونڊي صاف ڪجن. زمين اندر هر 15 کان 20 سينٽي ميٽر هيٺ لهڻ گهرجي. ته جيئن فصل جون پاڙون سٺي واڌ ويجهه ڪن. زمين اندر وٽاڻ جي سڙيل ڳريل پاڻ جون 50 کان 60 ڍڳي گاڏيون وجهي زمين تي پکيڙي ٽريڪٽر وسيلي مٽي ۾ ملايو وڃي. آخري هر کان پوءِ ڪريا 60 سينٽي ميٽرن جي فاصلي تي تيار ڪيا وڃن.

**ڀينڊين جي پوک لاءِ گهربل زمين:** ڀينڊين کي وارياسي لٽياسي زمين ۾ ڪاميابي سان پوکي سگهجي ٿو جنهن ۾ نامياتي مادو ۽ پاڻي جو نيڪال وڌيڪ هجي. گهٽ پاڻي نيڪال واري زمين ۾ گهٽ آڪسيجن هئڻ ڪري ٻوٽن کي گهٽ آڪسيجن ملندي. جيڪي زمين ۾ پاڻي جي نيڪال واري زمين مان ٻه سٺي پيداوار ملندي. سٺي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ زمين جو ڪارپد 7.0 کان 7.6 سٺو سمجهيو وڃي ٿو پر جيڪڏهن زمين اندر سخت ته هجي ته پوءِ ٻوٽي جي واڌ ٻيهو وڃي. ڪلر، ڪاري ڪلر واري زمين ۽ اها زمين جنهن ۾ پاڻي جو سٺو نيڪال نه هجي ته پوءِ اهڙي زمين هن فصل لاءِ موزون نه آهي.

**پوکي جو طريقو:** ڀينڊي کي سئون سڌو زمين ۾ ٻج وسيلي پوکجي ٿو. ٻج جي سٺي ڦوٽهڙو لاءِ ٻج کي رات جو پاڻي ۾ پسائڻ لاءِ رکجي ۽ ٻئي ڏينهن تي لڳايو وڃي. تيار ڪرين ۾ پاڻي جي وٽ واري جاءِ تي هر چونگي ۾ ٻه ٽي داڻا وجهو. عام طرح سان ڀينڊين کي ناڙي واري طريقي سان پڻ پوکجي ٿو جنهن ۾ ناڙي جو فاصلو ٻه فوٽ هجي. جڏهن ته ڪريا پڻ ٻن فوٽن جا تيار ڪيا وڃن ۽ هر چونگي جو فاصلو 15 کان 30 سينٽي ميٽر هجي. ٻج جي ڦوٽهڙي کان ٽي ڏينهن پوءِ گوٽ کي پريو وڃي. اڳاٽي پوک ۾ ٻج جي ڦوٽهڙي ۾ مسئلو ٿئي ٿو. انهي جي حل لاءِ اهو ضروري آهي ته ٻج کي 6 کان 8 ڪلاڪ پسائي پوءِ پوکيو وڃي.

**پيندين جون جنسون:** سنڌ ۾ پوکيون ويندڙ پيندين جي سٺي پيداوار ڏيندڙ جنسن ۾ سبزپري، راما ڪرشنا، ميرپورخاص ايم-1 ۽ ريڊ اوڪرا شامل آهن.

**ٻج جو في ايڪڙ مقدار:** گرمي جي موسم ۾ 8 کان 10 ڪلو گرام، جڏهن ته سياري ۾ پوکجندڙ پيندين جو ٻج 10 کان 12 ڪلو گرام ڪيو وڃي.

**گڏ دڙ ڪرڻ:** گندگاهه جي ضابطي لاءِ ٽي کان چار گڏون ڪيون وڃن. پهرين گڏ پوکي جي ٻن هفتن کان پوءِ ۽ باقي گڏون هفتي جي وقفي سان ڪجن. گندگاهن جي ضابطي لاءِ ڪک ڪانن واري ملچ ڪرڻ سان گندگاهن کي روڪي سگهجي ٿو يا ڪاري پلاسٽڪ وسيلي زمين کي ڍڪڻ سان گندگاهن جي روڪ ۽ زمين جي وٽ کي محفوظ ڪري سگهجي ٿو.

**ڀاڻ جو استعمال:** زمين جي تياري کان هڪ مهينو پهرين وٿان جو سڙيل ڳريل ڀاڻ 10 ٽن في ايڪڙ وڌو وڃي. پيندين مان ڊگهي عرصي تائين ميوو حاصل ڪرڻ لاءِ نائٽروجن جو سٺو مقدار زمين ۾ هجڻ ضروري آهي. پر وڌيڪ نائٽروجن جي صورت ۾ ٻوٽا ڪچ ڪري قد ڪندا. پيندين لاءِ ڪيميائي ڀاڻ جي ترتيب مختلف زمين جي قسمن لاءِ هيٺ چارٽ ۾ ڏجي ٿي.

| زمين جو قسم | ڀاڻ جو وزن |
| --- | --- |
| واريا سي لٽياسي | ڏيڍ ٻوري ڊي اي پي + اڌ ٻوري ايس او پي + اڌ ٻوري يوريا پوکي مهل. اڌ ٻوري ايس او پي + اڌ ٻوري يوريا پوکي جي 20 ڏينهن کانپوءِ ڏجي. اڌ ٻوري يوريا گلن جهلڻ مهل ۽ اڌ ٻوري يوريا ميوي جهلڻ مهل ڏجي. |
| چيڪي لٽياسي ۽ واريا سي لٽياسي هلڪي ڪلرائي | اڍائي ٻوريون نائٽروفاس + اڍائي ٻوريون ايس او پي پوکي مهل. اڌ ٻوري ايس او پي + هڪ ٻوري نائٽروفاس گلن جهلڻ مهل.<br>يا<br>ڏيڍ ٻوري ٽي ايس پي + اڌ ٻوري ايس او پي + هڪ ٻوري يوريا پوکي مهل. اڌ ٻوري ايس او پي + اڌ ٻوري يوريا گلن جهلڻ مهل ۽ اڌ ٻوري يوريا ميوي جهلڻ مهل ڏجي. |
| چيڪي ۽ چيڪي لٽياسي | ڏيڍ ٻوري زور آور + اڌ ٻوري ايس او پي + اڌ ٻوري يوريا پوکي مهل. اڌ ايس او پي + اڌ ٻوري يوريا گلن جهلڻ مهل ۽ اڌ ٻوري يوريا ميوي جهلڻ مهل ڏجي.<br>يا<br>چار ٻوريون ايس ايس پي + اڍائي ٻوريون ايس او پي پوکي مهل ۽ اڌ ٻوري ايس او پي ۽ اڌ ٻوري يوريا گلن جهلڻ مهل ڏجي ۽ اڌ ٻوري يوريا ميوي جهلڻ مهل ڏجي. |
| چيڪي ۽ ڪلرائي قسم واري زمين | چار ٻوريون ايس ايس پي + اڌ ٻوري ايس او پي + 2 ٻوريون امونيم سلفيٽ پوکي مهل. اڌ ٻوري ايس او پي هڪ ٻوري امونيم سلفيٽ گلن جهلڻ مهل هڪ ٻوري امونيم سلفيٽ ميوي جهلڻ مهل.<br>يا<br>چار ٻوريون ايس ايس پي + اڌ ٻوري ايس او پي + ڏيڍ ٻوري امونيم نائٽريٽ پوکي مهل. اڌ ٻوري ايس او پي + هڪ ٻوري امونيم نائٽريٽ گلن جهلڻ مهل ۽ هڪ ٻوري امونيم نائٽريٽ ميوي جهلڻ مهل. |

## خوراڪي گهٽتائي واريون نشانيون ۽ انتظام ڪاري:

**نائٽروجن:** نائٽروجن جي کوٽ واري صورت ۾ ٻوٽي جي واڌ بيهجي وڃي، پن ننڍا ٿيو وڃن ۽ پن پيلاڻ مائل نظر اچن ٿا. گوئنچ سنها ۽ ميوو کهرو نظر اچي ٿو.

- ملچ جي استعمال سان پاڻي جو بخار واري صورت جي اڏامڻ ۾ گھٽتائي اچي ٿي. ان لاءِ زمين جي ٿڌي يا گرم هئڻ جو دارومدار ملچ جي قسم تي آهي. ملچ ڪرڻ ہوتي لاءِ پاڻ جي گھرج سان 50 سيڪڙو گھٽ ٿئي ٿي.
- جيئن تہ ڊرپ ايريگيشن ڪرڻ سان پاڻي سڌو ٻوٽن جي پاڙن تائين پهچي ٿو ۽ پاڻي جي بخار تي اڏامڻ ۾ گھٽتائي اچي ٿي. ان لاءِ پاڻي جي رسائي وارن اوزارن کي ٺيڪ طريقي سان ڪم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ جيئن پاڻي جو گھربل مقدار ٻاڄين جي پاڙن تائين پهچي سگھي. ڊرپ ايريگيشن اندر ملچ ڪرڻ سان پاڻي جي بخارن جو نڪرڻ بند ٿي وڃي ٿو.
- فصل يا ٻاڄين لاءِ پاڻي کي گھرج مطابق رکڻ گھرجي. پاڻي جي گھرج جو دارومدار فصل جي واڌ وارن مرحلن تي آهي. ننڍين ٻوٽن لاءِ پاڻي جو مسئلو ان وقت حساس ٿئي ٿو جڏهن ٻوٽن جون پاڙون واڌ واري مرحلي ۾ هونديون آهن. جھڙوڪ ٻيجاري جي رونبي مهل، ٻج جھلڻ مهل ۽ ميوي جھلڻ مهل.
- ٻوٽن جي پوکي جو نمونو تبديل ڪريو جنهن ۾ ٻوٽا قطارن جي سامهون اهڙي نموني سان لڳايل هجن تہ جيئن زمين تي هر وقت ڇانورو رهي، ائين ڪرڻ سان زمين جي سطح تان بخارن جو نيڪال گھٽ ٿي ويندو.
- پاڻي جي وقت ۽ وهڪري کي زمين جي قسم مطابق رکو. ڇو تہ چيڪي زمين پاڻي کي ڇڱي نموني سان جھلي بيهي ٿي ۽ آهستگي سان جزب ڪري ٿي، ڦڙي ڦڙي واري طريقي سان پاڻي وهڻ جي رفتار گھٽايو. وارياسي زمين انهي جي ابتڙ آهي، جڏهن تہ لٽياسي انهي معاملي ۾ وچولي آهي.
- ٻني اندر خالي زمين کي گندگاهن کان صاف رکو. گندگاه موجود رهڻ سان پاڻي جو زيان ٿئي ٿو جيڪي توهان جي فصل سان پاڻي جي پوسل کڻڻ ۾ مقابلو ڪن ٿا.
- ڏينهن جو پاڻي ٿڌ واري وقت ڏيو. ٻاڄين کي رات جي وقت پاڻي ڏيڻ سان زمين مان پاڻي بخار ٿيڻ جي بدران زمين وڌيڪ پاڻي جذب ڪري ٿي.

## هاڃيڪارن جي نقصان کان بچاءُ لاءِ گڏيل جتادار حڪمت عملي جو استعمال

**مهلي/ٿرڙي کان بچاءُ:** ٿرڙي لڳڻ جي صورت ۾ پن پيلا ٿيو وڃن، خشڪ ٿي ڏوڙا ٿي وڃن ٿا، پنن جي پاسي تي ڳاڙهاڻ اچيو وڃي ۽ واڌ بيهي وڃي ٿي. اهي انهن جي سڃاڻپ جون خاص نشانيون آهن. جيڪڏهن انهن جو تعداد نقصان واري حد کان وڌي وڃي تہ پوءِ هيٺ ڏنل زهر جو ڦوهارو ڪريو.

ڪنفيڊور 100 سي سي في ايڪڙ يا ايڪٽارا ڊبليو ايس 24 گرام في ايڪڙ.

ٻوٽي جي پنن يا چوٽي تي مهلي لڳڻ جي صورت ۾ يا وڌڻ جي صورت کان پهرين متاثر پنن ۽ چوٽين کي ٽوڙي انهي کي گھٽائي سگھجي ٿو. اهڙين جنسن جو استعمال ڪجي جن تي مهلو نہ اچي. سلور رنگ جي ملچ ڪرڻ سان مهلي کان بچاءُ ٿئي ٿو. سني لڳل فصل تي پاڻي جي ڦوهاري جو استعمال ڪريو جڏهن مهلو وڌي وڃي تہ پوءِ انهي جي ختم ڪرڻ لاءِ قدم کڻو جيت مار صابڻ يا تيل جھڙوڪ نم ۽ ڪينولا جو تيل جيڪو عام طرح سان جيت تي ضابطي لاءِ استعمال ۾ آڻجي ٿو. هميشہ دوا جي دٻي يا بوتل تي لڳل ليبل جي هدايتن کي پڙهي رهنمائي حاصل ڪريو.

مهلي جو حملو اقتصادي حد کان وڌي وڃڻ جي صورت ۾ هيٺ ڏنل دوا جو استعمال ڪريو.

ايڊوانٽيج 500 سي سي في ايڪڙ يا پولو 200 سي سي في ايڪڙ.

ونگي واري ٽنڊڻي: هن ٽنڊڻي جي نقصان تي نظر رکيو وڃي. اقتصادي حد کان وڌي وڃي تہ پوءِ زرعي زهر ڪنفيڊور 100 سي سي في ايڪڙ استعمال ڪريو.

**چوٽي ۽ ميوي ۾ سوراخ ڪندڙ ڪيئون:** هي ڪيڙو چوٽي کي کائي ٿو ٻوٽو واڌ نٿو ڪري، پاسن کان ٽاريون واڌ ڪن ٿيون. گلن ۽ مڪڙين جي ڪرڻ ڪري نقصان ٿئي ٿو. متاثر ميوو کائڻ لائق نٿو رهي.

ٽالسٽار 250 سي سي في ايڪڙ يا ٽريسر 40 سي سي في ايڪڙ.

**آئي پي ايم جي حوالي سان ڪجھ ڪم جون ڳالهيون:**

- قوت مدافعت وارين جنسن کي پوکيو.

**بچاءُ جا طريقا:** ڪوريئڙي واري جوئن جا ڪيترائي دشمن جيت ٿين ٿا پر انهن جو تعداد گهٽ آهي. پاڻي جو مناسب استعمال وڏي اهميت رکي ٿو ڇوته پاڻي جي کوٽ جي ڪري ٻوٽن کي نقصان ٿئي ٿو. جيت مار دوائن جي وڌيڪ ڦوهارن ڪرڻ سان نقصانڪار جيتن ۾ واڌارو ٿيئ ٿو. ان لاءِ جيت مار دوائن کان پاسو ڪيو وڃي. پاڻي جو ڦوهارو جيت مار تيل، يا صابڻ جي استعمال سان ڪري سگهجي ٿو. هميشه علاج کان پهرين جي حملي جي حد کي نظر ۾ رکو.

پسايل سلفر جو ڦوهارو هڪ ڪلو گرام ۾ 50 ڊبليو پي يا ايباميڪٽين 1.9 اي سي 500 ملي ليٽر جيڪا نئين جوئن مار دوا آهي يا فينپرو پيٿرن 30 اِي سي 250 کان 340 ملي ليٽر کي 500 ليٽر پاڻي ۾ في هيڪٽر استعمال ڪجي.

## پيندين جي پٽ شروع ٿيڻ کان مارڪيٽ تائين پوندڙ نقصانن کان بچاءُ لاءِ انتظام ڪاري:

پيندين جون ڪيتريون ئي جنسون 55 کان 60 ڏينهن ۾ پٽ لاءِ تيار ٿيو وڃن. جڏهن پيندين جا ميوا 2.5 کان 3.5 انچ ڊگها ٿين ته پٽ ڪجي. عام طور تي گلن ڪاپوءِ پيندين جي ميوي جي پٽ 4 کان 6 ڏينهن ڪاپوءِ ڪجي ٿي. ميوي کي چونڊيو يا ڪٽيو وڃي. ميون کي ڪٽڻ ۾ وقت لڳي ٿو. پر پيداوار بهترين ٿئي ٿي. توهان هڪڙي ايڪڙ مان چونڊو ڪري 200 کان 250 ٽوڪريون حاصل ڪري سگهو ٿا (هر چونڊي مان 15 کان 20 ڪلو گرام جي ٽوڪري) جنهن مان 75 کان 125 مڻ في ايڪڙ پيداوار ملي ٿي.

پينديون جلد خراب ٿين ٿيون ۽ پيندين کي عام طرح سان مارڪيٽ موڪلڻ لاءِ يا ٻئي ڪنهن ڪم لاءِ رکجي ٿو. پيندين جي وڏي مقدار کي دٻن ۾ سانڍي ٿڌو يا لوٽيائي پاڻي ۾ بند ڪيو وڃي ٿو. پيندين اندر گرمي جي موسم ۾ وڌيڪ ساهه کڻڻ جو عمل ٿئي ٿو جنهن کي جلد ٿڌو ڪري ٻني واري گرمائش کي گهٽايو وڃي ته جيئن وڌيڪ خراب ٿيڻ کان بچي وڃن. پيندين کي گهنجڻ کان بچاءُ لاءِ گهربل گهم جي مقدار 90 کان 95 سيڪڙو تي رکيو وڃي. پيندين جي پٽ کان پوءِ جلدي ميون کي ٿڌي جاءِ تي منتقل ڪيو وڃي، ته جيئن خاصيت برقرار رهي. ميون کي انهن جي جسامت آهر چونڊيو وڃي ۽ پيڪ ڪيو وڃي. پيندين کي 7 کان 10 گرمي پد تي اسٽور ڪجي ۽ جتي گهم جو 90 کان 95 سيڪڙو رکيو وڃي ته ميوي جو رنگ، اندريون ڳر ۽ وزن ۾ وڌيڪ گهٽتائي نه اچي.

## پيندين جي پٽ مهل هيٺين ڳالهين جو خيال رکڻ ضروري آهي

- صبح جي وقت ٿڌ ۾ پيندين کي پٽيو وڃي.
- پٽيل پيندين کي سج جي روشني ۽ تپش کان پري رکيو وڃي.
- پيندين کي پٽ کاپوءِ درجه بندي واري سهولت جلد پيدا ڪجي، جنهن ۾ نقصان ڪاڌل ۽ بيماري وارين پيندين کي چونڊي جدا ڪجي
- پيندين جي پٽ کان پوءِ پيداوار کي جيترو ممڪن هجي ته جلد ٿڌو ڪجي، جنهن ۾ مناسب طريقا استعمال ڪري سگهجن ٿا.
- پيندين کي مختلف مرحلن مان گذارڻ وارو ڪم جيترو جلدي ممڪن هجي پورو ڪجي.

**پيندين تي پاري جو اثر:** ٻين ڀاڄين وانگر پينديون به گرم موسم ۾ ٿين ٿيون ۽ ٻيون ڀاڄيون جيڪي پاري لاءِ حساس سمجهيون وڃن ٿيون جن جو دارومدار پاري جي سهپ تي آهي، جن کي وڏي عرصي لاءِ رکڻ مناسب نه آهي. هر فصل اندر ٿڌ کي سهپ رکڻ جي هڪڙي حد موجود هوندي آهي، انکان وڌيڪ ٿڌ تي رکڻ سان نقصان ٿئي ٿو. گرم ۽ نيم گرم علائقن جي فصل کي رکڻ لاءِ مختلف مرحلن مان گذارڻ هڪ مسئلو آهي. جيئن ته مختلف فصلن کي گهٽ گرمي تي رکڻ هڪ عام عمل آهي ته جيئن انهن جو وزن گهٽائڻ کان بچائي سگهجي. گرمي جو درجو سهپ جي حد کان گهٽجڻ جي ڪري پيندين تي ٿڌ جو برو اثر پوي ٿو. ڀاڄين کي ٿڌ ۾ رکڻ سان مسئلو رهيو آهي جهڙوڪ واڱڻ کي ڪاٿو 0.8 ڊگري تي اثر شروع ٿئي ٿو ۽ پيندين تي 1.8 ڊگري سينٽي گريڊ کان گهٽ تي اثر ڏٺو ويو آهي.


NORWEGIAN EMBASSY
CLIMATE ADAPTIVE ACTIONS FOR FOOD SECURITY IN SINDH (CAAFSS)
" OKRA Seed Distribution "
UC: Khagan & Mohal, District: Thatta
Funded by: Norwegian Ministry of Foreign Affairs
Implemented by: Islamic Relief Pakistan
Climate Adaptive Actions for Food Security in Sindh (CAAFSS)
Okra Seed Sabaz Pari


ISLAMIC RELIEF
NORWEGIAN EMBASSY
Okra Seed Sabaz Pari
Islamic Relief